سندھی

# دوزخ جا ڪُتا

پيشڪش :مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو :ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: دوزخ جا ڪتا

ڇاپو پهريون: ربيع الآخر 1442هه، ڊسمبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبـان ۾ رسـالو

# دوزخ جا کُتا

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


درود شريف جي فضيلت

## دوزخ جا ڪُتا 1

دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اهو ٻئي لاءِ چوي ........ 1
فلاڻي منهنجي غيبت ڪئي هي ٻڌي ڪري ڪاوڙ نه ڪيو ........ 1
غيبت ڪرڻ واري کي سمجهائڻ جو هڪ نئون انداز ........ 2
الله جبار جي خُفِيه تدبير جا شڪار ........ 3
روبرو ڪجهه پرپٺ ڪجهه ........ 3
نفاق کان نفرت ........ 3
اڄڪلهه نفاق جو انداز ........ 4
گناهن تي شرمسار ڪرڻ جو انجام ........ 5
تائب کي شرمسار ڪيائين ته پاڻ گناهه ۾ ڦاسي ويو ........ 6
وڻ ڪِٽائي رهيو آهيان ........ 6
جنت ۾ چار وڻ ڪِٽندا ........ 7
80 سالن جا گناهه معاف ........ 7
بسم الله ڪيو چوڻ منع آهي ........ 7
بسم الله چوڻ ڪڏهن ڪفر آهي؟ ........ 8
ڪڏهن ذڪرالله ڪرڻ گناهه آهي ........ 8
استقبال جي لاءِ الله الله جون صدائون بلند ڪرڻ ........ 9
پنهنجون نيڪيون توکي ڪيئن ڏيان ........ 10
غيبت ڄڻ نيڪيون اڇلائڻ جي مشين آهي ........ 10
ڪڏهن غيبت ناهي ڪئي ........ 10
جيڪو گهٽو ٻالهائيندو آهي اهو غلطيون به گهڻيون ڪندو آهي ........ 10
ديوانا ٿي وڃو ........ 11
جنت جا محل حاصل ڪرڻ جو نسخو ........ 11

غيبت جي بدبو ........................ 12
هر وار جي بدران هڪ نور ........................ 14
درس ڏيڻ وارن جي لاءِ دعاءِ عطار ........................ 14
اڪيلو درس ڏيڻ جي برڪت ........................ 15
مقبوليت جو مدار قلت ۽ ڪثرت تي ناهي ........................ 15
صرف هڪ ماڻهو تصديق ڪئي ........................ 16
950 سالن ۾ صرف 80 ماڻهن ايمان آندو ........................ 16
غيبت گناهِ ڪبيره آهي ........................ 17
عالم جي باري ۾ احتياط جي حڪايت ........................ 17
ستو گمان عبادت آهي ........................ 18
عالم جي غيبت ڪرڻ وارو رحمت کان مايوس ........................ 18
دوزخ جا ڪتا ڏاڙهيندا ........................ 19
رات جي تاريڪي ۾ ڪتو حملو ڪري ته.... ........................ 19
عُلماء جي غيبت جا 15 مثال ........................ 19
عَالمن جي توهين ڪڏهن ڪفر آهي ۽ ڪڏهن نه ........................ 20
عُلَماء جي توهين جي باري ۾ ڪجهه سوال ۽ جواب پيش ڪيا وڃن ٿا
بي عمل عالِم جي توهين ........................ 21
جَاهل کي عَالم کان بهتر سمجهڻ ڪيئن؟ ........................ 23
طالب علم دِين کي ڪوهه جو ڏيڏر چوڻ ........................ 23
”مولوي ماڻهو ڇا ڄاڻيندا آهن“چوڻ ڪيئن آهي ؟ ........................ 23
دين تي عمل مولوين مشڪل ڪري ڇڏيو آهي چوڻ ڪيئن؟ ........................ 24
مولوين وارو انداز ........................ 24
”عَالِم سڀ ظالِم“ چوڻ جو شَرعي حڪم ........................ 24
عَالم دِين کي حقارت سان مُلا چوڻ ........................ 24
”مَولوي ٿيندي ته بُکيو مَرندي“ چوڻ ........................ 25
عُلماءَ جي توهينَ متعلق 10 مثال ........................ 25

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# دوزخ جا ڪُتا

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 21 صفحن جو رسالو ”دوزخ جا ڪُتا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي جهنّم جي عذاب کان محفوظ رک.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلَّی الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود شريف پڙهيو الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هيءُ نفاق ۽ جهنم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي بروزِقيامت شهداء سان گڏ رکندو.
(معجم اوسط، ج5 ص252 ، حديث2735، دارالڪتب العلميہ بيروت)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اهو ئي ٻئي لاءِ چوي

حضرت سيّدنا سُفيان ثوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا پنهنجي ڀاءُ جي غير موجودگي ۾ هن جو ذڪر اهڙي طرح ڪيو جيئن توهان پنهنجي غير موجودگي ۾ پنهنجو ذڪر ٿيڻ پسند ڪندا آهيو. (تَنبيهُ المُغتَرِين ص 192)

## ڦلاڻي منهنجي غيبت ڪئي اهو ٻڌي ڪاوڙ نہ ڪيو

حضرت سيّدنا شيخ عَبدُالوهاب شَعراني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: پنهنجي غيبت ڪرڻ واري تي مُشتَعِل (يعني ڪاوڙ) ڪرڻ مناسب ناهي ان

سان تہ توهان کي محبت ڪرڻ کپي ڇو تہ ان جي **غيبت** ڪرڻ جي سبب توهان کي ثواب ملي رهيو آهي، جيتوڻيڪ ان هن ڳالھ جو ارادو ناهي ڪيو وڏيڪ فرمائن ٿا: جيڪو شخص ان ماڻھو تي ڪاوڙ ڪري جنهن جون نيڪيون پنهنجي هٿ اچي رهيون آهن اهو بيوقوف آهي البت ڪنهن شرعِي سبب سان ڪاوڙ ڪرڻ صَحيح آهي. (تَنبِيهُ المُغتَرِين ص 193)

## غيبت ڪرڻ واري کي سمجھائڻ جو هڪ نئون انداز

سُبحٰنَ اللّٰـه! حضرت سيّدنا عَبدُالوَّهَاب شَعراني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيه جن ڪيتري پياري انداز ۾ سمجهايو آهي پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيه جي ارشاد مبارڪ مان اسانکي اهو درس ملي رهيو آهي تہ جيڪڏهن **غيبت** ڪرڻ واري سان جوابي ڪاروائي ڪئي وئي تہ نفرت جون پٽيون وڌيڪ مضبوط ٿي ويندديون، فَساد وڌندو ۽ جيڪڏهن هن کي محبت سان سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اِن شَآءَ الله هو **غيبت** کان ئي مُڙي ويندو. **دعوت اسلامي** جي اِشاعتي اداري مڪتبۃُالمدينہ جي شايع ٿيل رسالي "ناچاقیوں کا علاج" جي صفحي 22 کان 23 تي آهي، اهو قاعدو ياد رکو تہ نَجاسَت کي نجاست سان نہ پاڻي سان پاڪ ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو توهان سان نادانن وارو سُلوڪ ڪري تڏهن بہ توهان هن سان محبت پريو سلوڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو اِن شَآءَ الله هن جا مُثبَت نتيجا ڏسي ڪري توهان جو جِگر ضرور ٿڌو ٿيندو. وَاللهِ المُجِيب! اهي ماڻھو ڏاڍا خُوش نصيب آهن جيڪي سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ بدران ظلم ڪرڻ واري کي معاف ڪري ڇڏيندا آهن ۽ برائي کي ڀلائي سان ٽاري ڇڏيندا آهن، برائي کي

پلائي سان ٿارڻ جي ترغيب جي باري ۾ سيپاري 24 سُورَة حٰم السَّجدَه جي 34 آيت ڪريمه ۾ ارشاد آهي.

اِدْفَعْ بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِیْ بَیْنَكَ وَ بَیْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیْمٌ ﴿۳۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ترجمو ڪنزالايمان : اي ٻڌندڙ برائيءَ کي ڀلائيءَ سان ٽار تڏهن اهو جو تو ۾ ۽ ان ۾ دُشمني هئي ائين ٿي ويندو جڻ ته گهرو دوست.

چشمِ کرم ہو ایسی کہ مٹ جائے ہر خطا
کوئی گناہ مجھ سے نہ شیطاں کرا سکے

## الله جبار جي خُفيہ تَدبير جا شڪار

**حضرت** سيّدنا بَڪر مُزني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا جڏهن توهان ڪنهن کي ڏسو ته هو ماڻهن جي عيبن جو وڪيل بڻيل آهي (يعني: سڀنن جا پول پڌرا ڪري ٿو ۽ **غيبتون** ڪندو وتي ٿو) ته پوءِ سمجهي وڃو ته اهو **الله** جو دشمن آهي ۽ **الله** جي خفيہ تدبير جو شڪار آهي. (تَنبِيهُ المُغتَرِين ص 197)

## روبرو ڪجهہ پرپٺ ڪجهہ

**حضرت** سيّدنا بِشر حَافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهڙن ماڻهن تي تَعجُّب آهي جيڪي پَرپُٺ **اسلامي ڀائرن** جون **غيبتون** ڪري انهن جي عزت خراب ڪن ٿا، پر جڏهن سامهون ايندا آهن ته ڏاڍي محبت جو اِظهار ڪندا ۽ هن جي تعريف شروع ڪري ڏيندا آهن. (تَنبِيهُ المُغتَرِين ص 197)

## نفاق کان نفرت

**جڏهن** حضرت سيّدنا اِمَام جَعفَر صَادِق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تَارِڪُ الدُّنيا (يعني گوشہ نشين) ٿيا ته حضرت سيّدنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حاضرِ خدمت

تي ڪري چيو تہ تَارِڪُ الدُّنيا تيڻ سان مَخلوق توهان جي فُيوض وبَرڪَات کان محروم ٿي وئي آهي! پاڻ هن جي جواب ۾ هينيان ٻہ شعر پڙهيا.

ذَهَبَ الْوَفَاءُ ذِهَابَ اَمْسِ الذَّاهِبِ     وَ النَّاسُ بَيْنَ مُخَايِلٍ وَّ مَآرِبِ

يُفْشُوْنَ بَيْنَهُمُ الْمَوَدَّةَ وَالْوَفَا     وَ قُلُوبُهُمْ مَحْشُوَّةٌ بِعَقَارِبِ

يعني : وفا ڪنهن وڃڻ واري ڪالهہ وانگر هلي وئي ۽ ماڻهو پنهنجن خيالن ۾ غرق ٿي رهجي ويا، ماڻهو هونئن تہ هڪ ٻئي سان محبت ۽ وفا جو اظهار ڪندا آهن پر انهن جون دليون هڪ ٻئي جي بُغض و ڪيني جي وِڇُن سان ڀريل آهن. (تَذكِرَةُ الاولياءص 22)

## اڄڪلهہ نفاق جو انداز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ سيّدنا امام جَعفَر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن جي مُنافِقَت واري طريقي کان تنگ اچي ڪري خَلوَت (اڪيلائي) اختيار ڪرڻ لڳا. اُنَ پاڪيزه دؤر ۾ بہ اها صورتحال هئي تہ هاڻي جيڪو حال ٻي حال آهي ان جي ڪنهن سان وڃي شڪايت ڪجي، افسوس! اڄڪلهہ تہ اڪثر ماڻهن جا حال ئي عجيب ٿي ويا آهن جڏهن هڪ ٻئي سان ملندا آهن تہ هڪ ٻئي سان ڏاڍي تَعظِيم سان پيش ايندا آهن ۽ ڏاڍا حال احوال پڇندا آهن، هرطرح جي خاطر داري (آڌر ڀاءُ) ۽ ڏاڍي مهمان نوازي ڪندا آهن، ڪڏهن ٿڌي بوتل پياري خوش ڪندا آهن تہ ڪڏهن چانهہ پياري ڪري يا پَان گُٽڪي سان وات ڳاڙهو ڪندا آهن، ظاهري طور تي کِلي کِلي ڪري خوش ڪلامي ڪندا آهن پر پنهنجي دل ۾ انهن جي باري ۾ بُغض و مَلال رکندا

آهن، اهو ئي سبب آهي تہ ملڻ وارا جيئن ئي جدا ٿيندا آهن انهن جون غيبتون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن انهن جا عيب بيان ڪري کِلندا آهن تہ فلاڻو ايئن آهي فلاڻو هونئن آهي، فلاڻي ڪي چا تي ويو آهي جو هميشہ ٺهي ٺُڪي ڦرندو آهي ۽ فلاڻي جي هَلڻ جي چال ڪهڙي عجيب آهي ڏسي ڪري کل ايندي آهي ۽ فلاڻو ڪيترو بي حياء آهي جو ان جي ڱالهين کي ئي بيان ڪرڻ ۾ اسان کي شرم ايندو آهي، ۽ فلاڻو مَغرُور معلوم ٿئي ٿو جو ماڻهن سان ڱالهيون گهٽ ڪندو آهي ۽ فلاڻو بيوقوف آهي ماڻهن سان ڱالهہ ڪرڻ جي تميز ناهي ۽ فلاڻو عجيب مَسخرو آهي جڻ تہ ڪدڙو هجي! فلاڻو ڏاڍو شرارتي آهي، فلاڻو منهنجا پئسا کائي ويو آهي، اڙي اهو تہ پڪو 420 آهي.

غيبت و چغلی کی آفت سے بچیں  یہ کرم یا مصطفےٰ فرمایئے
ظاہر و باطن ہمارا ایک ہو  یہ کرم یا مصطفےٰ فرمایئے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!  صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن تي شرمسار ڪرڻ جو انجام

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب بهارِ شريعت حصي 16 صفحي 173 تي آهي: رَسُول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي گناهہ تي عَار(يعني شرم) ڏياريو جنهن کان هو توبهہ ڪري چڪو آهي تہ مرڻ کان پهريان اهو پاڻ ان گناهہ ۾ مبتلا ٿي ويندو (سُنَن ترمِذِي ج 4 ص 226 حديث 2513)

## تائب ٿي شرمسار ٿيڻ وارو

## تائب ٿي شرمسار ڪيائين تہ پاڻ ڳناهه ۾ ڦاسي ويو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن گناهه کان توبهہ ڪري وٺي تہ هاڻي هن گناهہ جي باري ۾ ان کي شرمسار نہ ڪرڻ گهرجي هن باري ۾ حضرت سيّدنا شيخ عَبدُ الوَهاب شعراني رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا تہ حضرت سيّدنا يحيٰ بِن مُعاذ رازي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: عَقلمَند کي گهرجي تہ ڪنهن کي بہ اهڙي گناهہ جي ڪري عَار(يعني شرم)نہ ڏياري جنهن کان هو توبهہ ڪري چڪو آهي، ڇو جو مون ڪنهن کي هڪ ڀيري (توبهہ جي باوجود) ان جي گناهہ جي ڪري عَارَ ڏياري (يعني شرمسار ڪيو تہ) 20سالن کان پوءِ مان پاڻ هن ۾ مُبتلا ٿي ويس. (تَنبِيهُ المُغتَرِين ص 197)

## وڻ لڳائي رهيو آهيان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!فُضُول بَڪ بَڪ جي عادت اِنسان کي نہ صرف فضول ڳالهيون ڪرڻ، بلڪ ڪيترا ڀيرا شرمسار بہ ڪرائيندي آهي. خوب غيبتون ڪرائيندي ۽ چُغليُون هٿائيندي آهي، ماڻهو چُپ رهي انهيءَ ۾عَافِيَّت آهي ۽ ڳالهائڻو آهي تہ سنو ڳالهائي ذِڪرُ الله ڪري. ڏسو! اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيّدنا اَبُوهُريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي زَبان جو ڪيترو پيارو استعمال ٻڌايو! توهان بہ ٻڌو ۽ جُهومو: جيئن تہ ”سُنن اِبنِ مَاجَہ“ جي روايت ۾ آهي (هڪ ڀيري) مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪٿي وڃي رهيا هئا تہ حضرت سَيِّدُنا اَبُوهُريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي ڏٺائون تہ اهي هڪ ٻوٽو هڻي رهيا آهن. اِستِفسَار ڪيائون ڇا ڪري رهيو آهين؟ عرض ڪيائين: وڻ هڻي رهيو آهيان، فرمايائون: مان بهترين وڻ لڳائڻ جو طريقو ٻڌايان!

سُبۡحٰنَ اللّٰہِ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰہِ وَ لَا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَ اللّٰہُ اَکۡبَر پڙهڻ سان هر ڪلمي جي عِوَض (يعني بدلي) جنّت ۾ هڪ وڻ لڳي ويندو آهي. (سُنَن اِبن مَاجَہ ج 4 ص 252 حديث 3807)

## جنت ۾ چار وڻ لڳندا

اي عاشقانِ رسول!هن حديثِ پاڪ ۾ چار ڪلما ارشاد فرمايا ويا آهن ﴿۱﴾ سُبۡحٰنَ الله ﴿۲﴾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه ﴿۳﴾ لَآاِلٰهَ اِلَّا الله ﴿٤﴾ اَللهُ اَکۡبَر هي چار ئي ڪلما پڙهو ته جنّت ۾ چار وڻ لڳايا ويندا ۽ گهٽ پڙهو ته گهٽ لڳندا مثال طور تي صرف سُبۡحٰنَ الله چيو ته هڪ وڻ، هنن ڪلمن کي پڙهڻ جي لاءِ زبان هلائيندا رهو ۽ جنّت ۾ گهڻي کان گهڻا وڻ لڳرائيندا وڃو فارسي ۾ شعر آهي ته :

عُمر راضائع مَکُن در گفتگو     ذِکر اُوکُن ذکرِ اُوکُن ذکرِ اُو

(يعني فالتو ڳالهين ۾ عزيز عمر نہ وڃاءِ، ذڪرالله ڪر ، ذڪرالله ڪر، ذڪرالله ڪر)

## 80 سالن جا گناهہ معاف

اهڙي طرح زبان جو هڪ بهترين استعمال هي بہ آهي تہ دُرود وسَلام پڙهندا رهو ۽ گناهہ بَخشرائيندا رهو، جيئن تہ دُرِّمُختار ۾ آهي: جيڪو سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ ڀيرو دُرُود موڪلي ۽ اهو قبول ٿي وڃي تہ الله ان جي80 سالن جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو. (دُرِّمُختار ج 2 ص 284)

## بسم الله ڪيو چوڻ منع آهي

ڪجهہ ماڻهو زبان جو غلط استعمال ڪندي هن طرح چئي ڇڏيندا آهن "بِسۡمِ الله ڪيو!" "اچو بِسۡمِ الله" "مون بِسۡمِ الله ڪري ڇڏي"، واپاري ماڻهو ڏينهن ۾ جيڪو پهريون سودو وڪڻندا آهن ان کي

عام طور تي ”ٻُهٽي“ چيو ويندو آهي، پر ڪجهہ ماڻهو هن کي بہ ”بِسمِ الله“ چوندا آهن، مثال طور”منهنجي تہ اڄ اجان تائين بِسمِ الله ئي ناهي ٿي!“جن جملن جا مثال پيش ڪيا ويا آهن هي سڀ غلط انداز آهن، اهڙي طرح ڪاڌو ڪائڻ وقت جيڪڏهن ڪير اچي وڃي تہ اڪثر ڪائڻ وارو ان کي چوندو آهي اچو!توهان بہ ڪائو!عام طور تي جواب ملندو آهي ”بِسمِ الله“ يا هي چوندا آهن ”بِسمِ الله“ ڪيو مَڪتبۃُ المَدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصي 16 صفحي 22 تي آهي: هن موقعي تي هن طرح بِسمِ الله چوڻ کي عالم سڳورن ڏاڍو سخت مَمنُوع قرار ڏنو آهي. (بهارشريعت) ها هي چئي سگهون ٿا: بِسمِ الله پڙهي ڪري ڪائي ونو بلڪ اهڙي موقعي تي دعا وارا لفظ چوڻ بهتر آهي جيئن بَارَکَ اللهُ لَنَا وَلَکُمْ يعني **الله پاڪ** اسان کي ۽ توهان کي برڪت ڏئي، يا پنهنجي مادري زبان ۾ چئي ڇڏيندا ڪيو تہ **الله** برڪت ڏئي.

## بسم الله چوڻ ڪڏهن ڪفر آهي؟

**حرام يا ناجائز** ڪم ڪان پهريان بِسمِ الله شريف هرگز، هرگز، هرگز نہ پڙهي وڃي حرامِ قَطعِي ڪم ڪان پهريان بِسمِ الله پڙهڻ ڪفر آهي جيئن فَتَاوٰي عَالَمگِيرِي ۾ آهي شراب پيئڻ وقت، زِنا ڪرڻ وقت يا جُوا کيڏڻ وقت بِسمِ الله چوڻ ڪفر آهي. (فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 273)

## ڪنهن وقت ذڪرالله ڪرڻ ڪناهہ آهي

**ياد رکو!** زبان سان ذڪر ۽ دُرُود باعثِ اجروثواب بہ آهي ۽ ڪجهہ صورتن ۾ ممنوع بہ **مثال طور** مَڪتبۃُ المَدِينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهارِشريعت جلد 1 صفحي 533 تي آهي: گراهڪ کي سودو ڏيکارڻ

وقت، تَاجِر جو هن مقصد سان دُرُود شريف پڙهڻ يا **سُبحٰن الله** چوڻ تہ هن شيءِ جي عُمدگي خريدار تي ظاهر ڪري ناجائز آهي، ائين ئي ڪنهن وڏي ڪي ڏسي ڪري هن نيّت سان **دُرُود شريف** پڙهڻ تہ جيئن ماڻهن کي هن جي اچڻ جي خبر پئجي وڃي تہ جيئن هن جي تعظيم جي لاءِ اُٿن ۽ جڳهہ ڇڏن اهو ناجائز آهي. (رَدُّ المُحتار ج 2 ص 281)

## استقبال جي لاءِ اللّٰه اللّٰه جون صدائون بلند ڪرڻ

اي عاشقانِ رسول! ذڪر ڪيل مسئلي جي پيشِ نظر مان (سگِ مدينہ عفي عنہ) اڪثراسلامي ڀائرن کي سمجھائيندو رهندو آهيان تہ منهنجي آمد تي الله جون صداؤن بلند نہ ڪندا ڪيو، ڇو جو بظاهر هتي ذِڪرُالله نہ، اِستقبال مَقصُود هوندو آهي.

جو ہے غافل ترے ذکر سے ذوالجلال    اُس کی غفلت ہے اُس پر وبال و نکال[1]

قعرِ غفلت[2] سے ہم کو خدایا نکال    ہم ہوں ذاکر[3] ترے اور مذکور[4] تو

اللہ اللہ اللہ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله!   اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ڏُک، عذاب
[2] غفلت جي تَڙ
[3] ذڪر ڪرڻ وارو
[4] ذڪر ڪيل

## پنهنجون نيڪيون ٽوٽي جو ڏيان

ڪنهن حضرت سيّدنا حَسن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي چيو ته مونکي خبر ملي آهي ته توهان منهنجي غيبت ڪندا آهيو: فرمايائون مون وٽ تنهنجي ايتري اهميت نه ناهي جو پنهنجون نيڪيون تنهنجي حوالي ڪيان. (اِحياءُ العُلُوم ج 3 ص 183)

## غيبت جُڻ نيڪيون اڇلائڻ جي مشين آهي

حضرت سيّدنا فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غيبت ڪندڙ جو مثال ان شخص جيان آهي جيڪو مِنجَنِيق (يعني پراڻي زماني ۾ پٿر اڇلائڻ جي لاءِ هٿ سان هلائڻ واري مشين) جي ذريعي پنهنجي نيڪين کي اولهه ۽ اوير طرف اڇلائيندو آهي (تَنبِيهُ المُغتَرِين ص 193)

## ڪڏهن غيبت ناهي ڪئي

حضرت سيّدنا اِمَام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ارشاد آهي ته حضرت سيّدنا شيخ ابو عاصِم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن کان عقل (يعني سمجهه) آيو آهي ته غيبت حرام آهي مون ڪڏهن به غيبت ناهي ڪئي. (تهذِيبُ الاَسمَاءِ وَاللُّغات لِلنّوَوِي ص 529)

## جيڪو ٽهڪ ڏئي ٽهڪ ٻالهائيندو آهي
## اهو غلطيون به گهڻيون ڪندو آهي

حُجّةُ الاِسلام حضرت سيّدنا اِمام محمّد بن محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "مِنهاجُ العَابدِين" ۾ فرمائن ٿا : زبان جي حفاظت سان نيڪ اعمال محفوظ رهندا آهن، ڇو جو جيڪو ماڻهو زبان جو ڌيان ناهي رکندو، هر وقت ڳالهائيندو ئي رهندو آهي، اهو عَموماً ماڻهن جي غيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي (مِنهاجُ العَابِدِين ص 65) مشهور چوڻي آهي

مَنْ كَثُرَ لَغَطُهٗ كَثُرَ سَقَطُهٗ يعني جيڪو گهڻو ڳالهائيندو آهي اهو غلطيون به گهڻيون ڪندو آهي.

## ديوانا ٿي وڃو

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن چپ ڪولڻا آهن ۽ ڳالهائڻو ئي آهي ته تلاوت ڪيو، نعت شريف پڙهو، گهڻي کان گهڻو ذڪرِ الٰهي ڪيو، پــ فرامينِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (1) ايترو ڪثرت سان ذِڪرُالله ڪندا ڪيو جو ماڻهو ديوانو چوڻ لڳن. (المُستَدرَڪ لِلحَاڪِم ج 2 ص 173 حديث 1882) (2) ايترو ڪثرت سان اَللّٰه پاڪ جو ذڪر ڪيو جو مُنافِقين توهان کي رياڪار چوڻ لڳن. (المُعجَمُ الڪَبِير لِلطَبَراني ج 12 ص 131 حديث 12786)

## جنت جا محل حاصل ڪرڻ جو نسخو

زبان جي بهترين استعمال جي لاءِ هڪ ايمان افروز رِوايت پڙهو ۽ خوشي وچان جهومو! جيئن حضرت سيّدنا سَعِيد بِن مُسَيَّب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي ته الله جي مَحبوب داناء غُيوب، مُنَزَّه عَنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (پوري سورت) کي10 ڀيرا پڙهيو الله اُن جي لاءِ جنّت ۾ محل ناهيندو آهي، جنهن 20 ڀيرا پڙهيو اُن جي لاءِ به مَحل ناهيندو آهي جنهن 30 ڀيرا پڙهيو اُن جي لاءِ ٽي محل ناهيندو آهي، حضرت سيّدنا عُمر بِن خطاب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو: ته يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله ان وقت اسان جا ڪيئي محل هوندا؟ ارشاد فرمايائون: الله تعالٰي جو فضل هن کان به گهڻو وسيع آهي. (سُنَن دارِمي ج 2 ص 552 حديث 3429)

اللہ کی رحمت سے تو جنت ہی ملے گی
اے کاش! محلّے میں جگہ اُن کے ملی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه! اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## غيبت جي بدبو

**غيبت ڪرڻ** سان هڪ مخصوص بدبو نڪرندي آهي پهريان جڏهن ڪير **غيبت** ڪندو هو تہ بَدبُو جي سبب سيني کي معلوم ٿي ويندو هو تہ **غيبت** ٿي رهي آهي، پر هاڻي **غيبت** جي ايتري قدر ڪثرت ٿي وئي آهي جو هر طرف هن جي بدبو جا ڀپڪا اُٿي رهيا آهن پر اسان کي بَدبُو نٿي اچي، ڇو جو اسان جو نَڪُ هن بَدبو جو عادي ٿي ويو آهي، هن کي ائين سمجهيو تہ جڏهن گٽر صاف ڪيو ويندو آهي تہ عام ماڻهو هن جي بدبو جي ڪري اُتي بيهي ناهي سگهندو، پر ڀنگي کي ڪجهہ بہ ناهي ٿيندو، ڇو جو هن جو نَڪ هن بدبو جو عادي ٿي چڪو آهي . جيئن تہ **فتاويٰ رضويہ جلد اوّل** صفحي 720 تي آهي ڪوڙ ۽ **غيبت** مَعنوي نَجاست (يعني باطني گندگيون آهن) لِهٰذا ڪوڙي جي وات مان اهڙي بدبو نڪرندي آهي جو ان وقت **حِفاظت** جا فرشتا هن کان پري هٽي ويندا آهن. جيئن تہ حديث ۾ بيان ٿيو آهي ۽ اهڙي طرح هڪ بدبو جي متعلق **رسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خبر ڏني تہ هي انهن جي وات جي بدبو آهي جيڪي مسلمانن جي **غيبت** ڪندا آهن ۽ اسان کي ڪوڙ يا **غيبت** جي بدبو محسوس ناهي ٿيندي هن جو سبب اهو آهي جو اسان هن کان مالُوف(يعني عادي) ٿي ويا آهيون، اسان جا نڪ هن سان ڀريل آهن جيئن چمڙو(يعني کلن) جي ڪارخانن يا دڪانن جي ويجهو جيڪي رهندا آهن انهن کي هن جي بدبو سان تڪليف ناهي ٿيندي،

بيو اچي تہ هو ان بدبو جي ڪري شديد تڪليف محسوس ڪري.
مسلمان هن نَفِيس فائدي يعني عمده نتيجي کي ياد رکن ۽ پنهنجي رب کان ڊڄن، ڪوڙ ۽ غيبت ڇڏي ڏين. ڇا **معاذالله** وات مان پاخانو نڪرڻ ڪنهن کي پسند هوندو؟ باطن جو نُڪُ کلي تہ معلوم ٿئي ڪوڙ ۽ غيبت ۾ پاخاني کان بہ بدتر بدبو آهي. رَسُول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:"جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ان جي بدبو جي ڪري فرشتو هڪ ميل پري ٿي ويندو آهي." (سُنَن ترمِذِي ج 3 ص 392 حديث 1979) حضرت سيِّدنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہ عَنْهُما کان روايت آهي: اسان حضور سيّد عالَم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اَقدس ۾ ويٺا هئاسين تہ هڪ بدبو اُٿي رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڄاڻو ٿا هي بدبو ڇا آهي؟ هي انهن جي بدبو آهي جيڪي مسلمانن جي غيبت ڪندا آهن. (ذَمُّ الغِيبَة لِابنِ اَبِي الدُّنيا ص 104 رقم 70)

اللہ ہمیں جھوٹ سے غیبت سے بچانا
اے پیارے خدا از پۓ سلطانِ زمانہ
مولٰی ہمیں قیدی نہ جہنم کا بنانا
جنت کے محلات میں تو ہم کو بسانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَی اللّٰہ! اَسْتَغْفِرُ اللّٰہ
صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هر وار جي بدران هڪ نور

**اي عاشقانِ رسول!** اسان کي زبان جو صَحِيح استعمال سکڻ گهرجي. نہ تہ خدا جو قسم! **غيبتن** ۽ تهمتن ۽ مختلف گناهن جون شامتون آخرت ۾ ڦاسائي سگهن ٿيون، واقعي اسان جيڪڏهن پنهنجي زبان جو صَحيح استعمال ڪيون تہ **وقت بوقت** ڪيئي نيڪيون حاصل ڪري سگهون ٿا **خَاتَمُ الْمُرسَلِين رَحمة للعَالَمِين** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بازار ۾ **الله** جو ذڪر ڪرڻ واري جي لاءِ هر وار جي بدلي قيامت ۾نُور ملندو. (شُعبُ الإيمَان ج 1ص412 حديث 567)

## درس ڏيڻ وارن جي لاءِ دعاءِ عطار

**ياد رهي** تلاوتِ قرآن مجيد، حمد و ثناء، مناجات ودعا ، دُرود ۽ سلام، نعت، خطبو، درس، سُنّتن ڀريون بيان وغيره سڀ **ذِڪر الله** ۾ شامل آهن، **اسلامي ڀائرن** کي گهرجي تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 12 منٽ بازار ۾ "**فيضانِ سنت**" جو درس ڏين جيتري ٿائين درس ڏيندا اِن شَاءَالله ايتري ٿائين بين فضيلتن کان علاوه انهن کي بازار ۾ **ذِڪرالله** ڪرڻ جو ثواب بہ ملندو . فيضانِ سنّت جي درس جون بہ ڇا تہ خوب مدني بهارون آهن: ڪاش!اسلامي ڀائر مسجد، بازار، گهر، چوڪ، دڪان وغيره ۾ ۽ اسلامي ڀينرون گهر ۾ روزانو بہ درس ڏيڻ يا ٻڌڻ جو معمول بڻائي ڪري ثواب ڪمائن ۽ گڏوگڏ هن دعاءِ عطار جا بہ حقدار ٿين. يَارَبّ مصطفي! جيڪو **اسلامي ڀاءُ** يا **اسلامي ڀيڻ** روزانو بہ درس ڏيـن يا ٻـڌن انهن کي ۽ مون کي بي حساب بخش ۽ اسان کي اسان جي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلَّم

## اڪيلو درس ڏيڻ جي برڪت

**فيضانِ سنّت** جي درس جي بهارن جي ڇا ڳالهه ڪجي! لائنز ايريا (ڪراچي) جي **اسلامي ڀاءُ** ڪجهه هن طرح بيان ڏنو ته مان پنهنجي گهر جي ڇت تي بيٺو هيس ته منهنجي نظر گهٽي ۾ بيٺل **دعوتِ اسلامي** جي هڪ باعِمامه اسلامي ڀاءُ تي پئي جيڪو اڪيلو ئي چوڪ درس ڏئي رهيو هو هڪ به **اسلامي ڀاءُ** درس ٻڌڻ جي لاءِ نه پئي رڪيو مان هونئن ته دين کان عملي طور تي ايتري قدر پري هيس جو سَبز عمامي وارن کي ڏسي ڪري ڀڄي ويندو هئس، پر الائي ڇو هن کي **اَڪيلو درس** ڏيندي ڏسي ڪري مون کي ترس اچي ويو، سوچيم ته هن سان ڪير به ناهي بيٺو! ته هلو ڀلا مان ئي بيهان ٿو، سو مان چوڪ درس ۾ شريڪ ٿي ويس منهنجو چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيڻ منهنجي اِصلاح جو سبب بڻجي ويو ۽ مان مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس هي، بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله پنهنجي علائِقي جي "**نيڪ اعمال**" جو ذميدار آهيان، هڪ اهو ڏينهن هو جو سَبز عمامي وارن کي ڏسي ڪري ڀڄي ويندو هوس ۽ اَلحَمدُلله! اڄ اهو ڏينهن آهي جو منهنجي مٿي تي به سبز عمامي جو تاج جڳمگائي رهيو آهي.

## مقبوليت جو مدار قلت ۽ ڪثرت تي ناهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو ته فيضانِ سنّت جي درس جي ڪيتري زبردست برڪت آهي، جو هو **اسلامي ڀاءُ** ڪيترو جذبي وارو هو جو ڪير نه مليو ته اڪيلو ئي **چوڪ درس ڏيڻ** شروع ڪري ڏنو، هن ۾ سيکڻي جي لاءِ درس جا **مدني گل** آهن، هن جو اڪيلو درس ڏيڻ هڪ **مسلمان جي مدني ماحول** سان وابستگي جو

سبب ٻڌجي ويو، اهو به اندازو لڳايو ته اڪيلو درس ڏيندي ڏسي ڪري جڏهن اهڙي شخص کي رحم اچي ويو، جيڪو هن شين کان پري ڀڄندو هو ته **الله** تعالي اڪيلي يا گهٽ تعداد ۾ درس ڏيڻ وارن سان ڪيتري محبت ڪندو هوندو ۽ ڪيتري قدر هنن تي رحم ۽ ڪرم فرمائيندو هوندو، ياد رکو! قِلّت ۽ ڪَثرت تي مقبوليت جو دارومدار ناهي. جيڪي اسلامي ڀائر رَش جي بغير ۽ ايڪوسائونڊ نه هجي ته بيان يا نعت شريف پڙهڻ جي لاءِ تيار ناهن ٿيندا انهن جي ترغيب جي لاءِ عرض آهي ته بارگاهِ خداوندي ۾صرف اِخلاص ڏٺو ويندو آهي حاضرين ۽ چاهيندڙن جي ڪثرت هجي پر خُلوص نه هجي ته ڪو فائدو ناهي يقيناً جيترا به نبي عَلَيهِمُ السلام گذريا آهن سڀ جا سڀ **الله** جا مقبول ترين ٻانها آهن ۽ هر ڪنهن سو فيصد پنهنجي ذميداري نڀائي آهي، پر ڪجھ نبي عَلَيهِمُ السلام تي صرف هڪ ئي شخص اِيمان آندو جيئن ته :

## صرف هڪ ماڻهو تصديق ڪئي

**رسولِ اڪرم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مان جنّت جي باري ۾سيني کان پهريان شفاعت ڪرڻ وارو هوندس ۽ ڪنهن نبي جي ايتري تصديق ناهي ڪئي وئي جيتري منهنجي **تصديق ڪئي وئي** آهي ڪجھ نبي عَليهِمُ السلام اهڙا به آهن جنهن جي تصديق سندن امت مان صرف هڪ شخص ڪئي آهي. (صَحِيح مُسلِم ص 128 حديث 332)

## 950 سالن ۾ صرف 80 ماڻهن ايمان آندو

**مُفسِّر شَهِير حَڪيمُ الأمت** حضرت مُفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: هن **فرمانِ عالي** جي هڪ

معني اها آهي تہ جيترن گهٽ ماڻهن مون تي ايمان آندو آهي ايترن ڪنهن بہ نبي تي ايمان ناهي آندو ، هي بلڪل ظاهر آهي ڇو جو پيا نبي ڪنهن خاص قوم جا نبي هوندا هئا، حضورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري جهان جا نبي آهن، پڻ پين نَبِيّن جو زمانو مَحدُود هوندو هو، حُضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُبوت تاقيامت آهي، وڏيڪ لکن ٿا: حضرت سَيِّدنا نُوح عليهِ السَّلام ساڍا نوسؤ 950 سال تبليغ فرمائي پر صرف اسي 80 ماڻهن ايمان آندو اٺ (8) ماڻهو پنهنجي گهر جا ۽ ٻاهتر 72 ماڻهو ٻيا، حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽيويهہ 23 سال تبليغ فرمائي، ڏسي ونو اڄ تائين ڪيترو تہ تعداد آهي. (مِراة ج 8 ص ٦٢٧)

## غيبت گناهہ ڪبيره آهي

**حضرت سيّدنا اِمَام احمد بن حَجَر مكّي شافعي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا صحيح احاديثِ مبارڪ ۾ آهي تہ “(1) **غيبت** وياج کان وڌيڪ آهي (2) جيڪڏهن هن کي (**يعني غيبت کي**) سمنڊ جي پاڻي ۾ وڌو وڃي تہ هن کي بہ بدبودار ڪري ڇڏي. (3) **غِيبت** ڪرڻ وارا دوزخ ۾ مردار(ڍونڊ) کائي رهيا هئا. (4) هنن **غيبت** ڪرڻ وارن جي فضاء بدبودار هئي. (5) هنن کي (**يعني غيبت ڪرڻ وارن کي**) قبرن ۾ عذاب ڏنو پئي ويو. ” هنن مان ڪجهہ حديثون ئي هن جي ڪبيره ٿيڻ جي لاءِ ڪافي آهن. بس جڏهن هي سڀ جمع ٿي وڃن تہ پوءِ **غيبت** جا جي ڪري ڪبيره گناهہ نہ چورائيندي؟ (اَلزَّوَاجِر عَن اقتِرَافِ الكبائِر ج 2 ص 28)

## عالم جي باري ۾ احتياط جي حڪايت

**حضرتِ شيخ اَفضلُ الدّين** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان جڏهن ڪنهن عالِم جي مَقام جي باري ۾ پُڇا ڪئي ويندي هئي تہ (غيبت ۾ پئجي وڃڻ جي

خوف کان) فرمائيندا هئا: مونکان علاوه ڪنهن ٻئي کان پڇو مان تہ ماڻهن کي ڪمال ۾ بهتر ئي جي نِگاهه سان ڏسندو (۽ هر هڪ جي باري ۾ حُسنِ ظن کان ڪم وٺندو) آهيان، مون وٽ ڪَشف ناهي جنهن جي ذريعي هنن جا اهي مقام معلوم ڪري سگهان جيڪي ربِّ ڪائنات وٽ آهن ۽ حديث شريف ۾ آهي اَلظَّنُّ اَكْذَبُ الْحَدِيْث (صَحيح بُخاري ج 4 ص 117 حديث 6066) ترجمو: بروگمان سڀني کان وڌيڪ ڪوڙي ڳالهه آهي. (تَنبِيهُ المُغترِين ص 193)

## سٺو گمان عبادت آهي

اي عاشقانِ رسول! اڄڪلهه بَدگُماني جو مرض عام آهي، مسلمانن جي باري ۾ سُٺو گُمان ڪري ثواب ڪمائڻ گهرجي جيئن تہ فرمانِ مصطفي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: حُسْنُ الظَّنِّ مِنْ حُسْنِ الْعِبَادَةِ يعني حُسن ظن (سٺو گمان) عمده عِبادت مان آهي (سُنَن ابي دَاؤد ج 4 ص 388 حديث 4993) مُفسِّر شهِير حَڪِيمُ الاُمت مُفتِي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جا مختلف مطلب بيان ڪندي لکن ٿا: يعني مسلمانن سان سٺو گمان ڪرڻ، انهن تي برو گمان نہ ڪرڻ بہ سٺي عبادتن مان هڪ عبادت آهي. (مرآة المناجيح ج6 ص 621)

## عالم جي غيبت ڪرڻ وارو رحمت کان مايوس

افسوس! اڄڪلهه مَعَاذَالله عالِمن جي بہ ڪثرت سان غيبت ڪئي ويندي آهي، لهٰذا شيطان ڪنهن عالِمِ دين جي غيبت تي اياري تہ حضرت سيّدنا ابُوحفص ڪبير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن ارشاد کي ياد ڪري پاڻ کي ڊيڄاريو: جنهن ڪنهن فَقِيہ (عالِم) جي غيبت ڪئي تہ قيامت جي ڏينهن هن جي چهري تي لکيل هوندو: ”هي الله پاڪ جي رَحمَت کان مايوس آهي.“ (مُڪَاشِفَةُ القلوب ص71)

## دوزخ جا ڪتا ڏاڙهيندا

**غيبت** عالِمن جي هجي، يا عوام جي، **غيبت** وري بہ **غيبت** ئي آهي خدا جو قسم! هن جو عذاب نہ سهيو ويندو، جيئن تہ هڪ ڀيري مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت سيّدنا مُعاذ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کي فرمايو تہ ماڻهن جي **غيبت** نہ ڪر نہ تہ دوزخ جا ڪُتا توکي ڏاڙهيندا. (تفسِير دُرّمَنثُور ج 7 ص 572 منهاج العابدين ص 66)

## رات جي تاريڪيءَ ۾ ڪتو حملو ڪري تہ....

**اي عاشقانِ رسول!** مذڪوره روايت کي بار بار پڙهو ۽ تصور ڪيو تہ رات جو سناٽو هجي، ڪُتو ڀوڪندو ڀويان اچي رهيو هجي ۽ توهان هن کان بچڻ جي لاءِ تدبيرون ڪري رهيا هجو اوچتو ٽپو ڏئي ڪري توهان جي قميص جو دامن پنهنجي واتان پڪڙي وٺي! ان وقت توهان جي حالت ڇا هوندي! هاڻي غور ڪيو ڪنهن مسلمان جي **غيبت** ڪئي ۽ مرڻ کان بعد جيڪڏهن سزا ۾ **جهنّم جي ڪتن** قميص جي دامن کي نہ بلڪ بدن کي ۽ اهو بہ پڪڙيو ئي نہ بلڪ چڪ هڻڻ شروع ڪري ڏنو تہ ان وقت ڇا گذرندو!

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی — قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

## عُلماء جي غيبت جا 15 مثال

حالات بگڙجندا پيا وڃن شيطان اڪثر مسلمانن کي عُلماءِ حق کان ڏاڍو پري ڪري ڇڏيو آهي افسوس! صد ڪروڙ افسوس، ڪثرت سان علماءِ ڪرام جون **غيبتون** ڪيون وينديون آهن.

**علماء جي غيبت جا 15 مثال** ❖ وَعظ جا پئسا ونندو آهي ❖ ڏاڍو بد زبان آهي ❖ ڳائو آهي ❖ حلوا خور آهي ❖ پيٽ پري ڪري کائيندو آهي ❖ ان ڏينهن ڪاٻي هٿ سان پاڻي پي رهيو هو ❖ پنهنجو پاڻ کي سيني ڪان وڏو عالِم سمجهندو آهي ❖ وعظ ۾ نڪ کان ڳالهائيندو آهي ❖ ڏاڍو ڏکيو بيان ڪندو آهي ❖ بيان ۾ بس قصا ڪهاڻيون ٻڌائيندو آهي ❖ آواز بہ خاص ناهيس ❖ ادا! ٿورڙو بچي ڪري رهجان "**علامہ صاحب**" آهن ❖ لالچي آهي ❖ چڏ چڏ يار! اهو تہ مولوي آهي ❖ (مَعَاذَ الله عالِمن کي ڪجهہ ماڻهو حقارت سان چئي ڇڏيندا آهن) هي مُلا آهن.

## عاَلمن جي توهين ڪڏهن ڪفر آهي ۽ ڪڏهن نہ

عام انسان ۽ عالِم دين جي **غيبت** ۾ وڏو فرق آهي، عالِم جي **غيبت** ۾ اڪثر هن جي توهين جو پهلو بہ هوندو آهي جيڪو ڪافي تشويشناڪ آهي. عالِم جي تَوهِين جون 3 صورتون (آهن) ۽ هن جي باري ۾ شَرعِي حُڪم بيان ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت اِمامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فتاوي رضويہ** جلد 21 صفحي 129 تي فرمائن ٿا: ﴿1﴾ (ڪو شخص) جيڪڏهن عالم کي ان سبب برو چوي ٿو جو اهو "عالِم" آهي، تڏهن تہ هو (چوڻ وارو) صَرِيح ڪافر آهي ۽ ﴿2﴾ جيڪڏهن علم جي ڪري هن جي تعظيم فرض سمجهندو آهي پر پنهنجي ڪنهن دنياوي خُصُومت (يعني دشمني) جي باعث برو چوندو آهي، گار ڏيندو (آهي ۽) تَحقِير ڪندو آهي تہ سخت فاسِق و فَاجِر آهي ۽﴿3﴾ جيڪڏهن بنا ڪنهن سبب رنج (بُغض) رکندو آهي تہ پوءِ مَرِيْضُ الْقَلْبِ وَخَبِيْثُ الْبَاطِن (يعني دل جو

مريض ۽ ناپاڪ باطن وارو) آهي ۽ هن (يعني عالِم سان هرو ڀرو بغض رکڻ واري) جي ڪُفر جو انديشو آهي ”خُلَاصه“ ۾ آهي: مَنْ اَبْغَضَ عَالِمًا مِّنْ غَيْرِ سَبَبٍ ظَاهِرٍ خِيْفَ عَلَيْهِ الْكُفْر يعني: جيڪو بنا ڪنهن ظاهري سبب جي عالِم دين سان بُغض رکندو هن تي ڪفر جو خوف آهي. (خُلاصَةُ الفَتاوٰي ج 4 ص 388)

## عُلَماء جي توهين جي باري ۾ ڪجهه سوال ۽ جواب پيش ڪيا وڃن ٿا

### بي عمل عالِم جي توهين

**سوال**: ڇا بي عمل عَالِم جي توهين بہ ڪفر آهي؟

**جواب:** علم دين جي سبب بي عمل عَالِم جي توهين ڪرڻ بہ ڪفر آهي، بي عمل عَالِم بہ علمِ دين جي ڪري جاهل عبادت گذار کان بہ ڪيئي درجا افضل ۽ بهتر آهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت اِمامِ اِهلسنّت مَولانا شاه اِمَام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ۽ قرآن شريف هنن (علماءِ حق کي) مُطْلَقاً وارث ٻڌائي رهيو آهي ايستائين جو هنن (مان) ڪنهن بي عمل (عَالِم) کي بہ يعني جڏهن عقائدِ حق تي مُستَقِيم (صحيح العقيده سني) ۽ هدايت جي طرف داعِي (يعني سڏڻ وارو) هجي جو گمراهہ (عَالِم) ۽ گمراهي جي طرف سڏڻ وارو (مولوي) وارثِ نبي نہ بلڪ نائبِ اِبليس آهي، وَالعِيَاذُ بِاللّٰه تَعَاليٰ. ها، ربّ تمام عُلماءِ شريعت کي ڪتي وارث فرمايو آهي؟ ايستائين جو هنن مان بي عمل کي بہ! ها اهو اسان کان پڇو، خدا پاڪ فرمائي ٿو: ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ

ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿۳۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان :** پوءِ اسان وارث ڪيو ڪتاب جو پنهنجي چونديل ٻانهن کي پوءِ انهن مان ڪو پنهنجي جان تي ظلم ڪري ٿو ۽ انهن مان ڪو وچٿري چال تي آهي ۽ انهن مان ڪو اهو آهي جيڪو **الله** جي حڪم سان ڀلاين ۾ گوءِ کٽي ويو. اهو ئي وڏو فضل آهي. (پ22 فاطر 32 )

**متي ذڪر ڪيل آيتِ ڪريمہ فَتَاوٰي رَضويہ جلد 21 صفحي 530 تي نقل ڪرڻ کان بعد منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **وڏيڪ فرمائن ٿا: ڏسو! بي عمل (علماء جيڪي) گناهن جي ڪري پنهنجي جانن تي ظلم ڪري رهيا آهن، انهن کي بہ ڪتاب جو وارث ٻڌايو ۽ فقط وارث ئي نہ بلڪ پنهنجي چونديل ٻانهن ۾ شمار ڪيائين، احاديث ۾ آيو رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن هن آيت جي تَفسِير ۾ فرمايو: اسان مان جيڪو سَبقَت (برتري) وٺي ويو اهو تہ سبقت وٺي ئي ويو ۽ جيڪو مُتَوسِّط (يعني درمياني) حال جو ٿيو اهو بہ نَجَات وارو آهي ۽ جيڪو پنهنجي جان تي ظالم (يعني گناهگار) آهي هن جي بہ مَغفِرت آهي. (تَفسِير دُرِّمَنثُور ج 7 ص 25) عالِمِ شريعت جيڪڏهن پنهنجي علم تي عامل بہ هجي (پوءِ تہ هو) چنڊ جي مثل آهي جيڪو پاڻ خود ٺڌو ۽ توهان کي بہ روشني ڏئي نہ تہ (بي عمل عالِم) ڏيئي جي مثل آهي جيڪو پاڻ تہ سڙي پر توهان کي روشني ڏئي، رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمائن ٿا: هن شخص جو مثال جيڪو ماڻهن کي خير (يعني ڀلائي) جي تعليم ڏيندو ۽ پاڻ کي وساري ڇڏيندو آهي ان فتيلي (ڏيئي جي بتي) وانگر آهي**

جيڪو ماڻهن کي روشني ڏيندو آهي ۽ پاڻ سڙندو آهي. (اَلتَّرغِيبُ والتَّرهِيب ج 1 ص 74 حديث 11)

## جاهل کي عالم کان بهتر سمجهڻ ڪيئن؟

**سوال**: جاهل کي عالِم کان بهتر سمجهڻ ڪيئن؟

**جواب**: جيڪڏهن علمِ دين کان نفرت جي ڪري جاهل کي عالم کان بهتر سمجهندو آهي ته هي ڪفر آهي فُقَهَاءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ فرمائن ٿا: هن طرح چوڻ علم کان جهالت بهتر آهي يا عالم کان جاهل ڀلو آهي ته ڪفر آهي. (مَجمَع الأنهر ج 2 ص 511 ) جڏهن ته علمِ دين جي توهين مقصود هجي.

## طالب علم دين کي ٽوهه جو ڏيڍر چوڻ

**سوال**: ديني طالبِ علم يا عالِمِ دين کي حقارت جي نظر سان ڪوهه جو ڏيڍر چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب**: ڪُفر آهي.

## ”مولوي ماٺهو ڇا ڄاڻيندا آهن“ چوڻ ڪيئن آهي ؟

**سوال**: هڪ شخص ڪنهن ڳالهه تي حقارت سان چيو ”**مَولوي ماٺهو ڇا ڄاڻيندا آهن**!“ ان جو هن طرح چوڻ ڪيئن؟

**جواب** :ڪُفر آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاه اِمام اَحمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه فرمائن ٿا ”**مولوي ماٺهو ڇا ڄاڻيندا آهن** !“چوڻ ڪفر آهي. (فتَاوي رَضوِيه ج 14 ص 244) جڏهن ته عُلَمَاءَ جي تَحقِير مَقصُود هجي.

## دين تي عمل مولوين مشڪل ڪري ڇڏيو آهي چوڻ ڪيئن؟

**سوال**: هي چوڻ ڪيئن آهي تہ”الله دين ڪي سولو لاٿو هو پر مولوين مشڪل بڻائي ڇڏيو!“

**جواب**: هي عُلماء جي توهين جي ڪري **ڪفر جو ڪلمو** آهي ڇو جو فُقهاءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ فرمائن ٿا اَلاِستِخفَافُ بِالاَشرَاف والعُلَمَاءِ کُفر يعني اَشراف (ساداتِ ڪرام) ۽ علماءِ ڪرام جي تَحقِير (انهن کي حقير ڄاڻڻ) ڪُفر آهي. (مَجمَعُ الاَنهُر ج 2 ص 509)

## مولوين وارو انداز

**سوال**: سُني عالِمِ دين جي طرز تي قرآن وسُنّت جي مطابق ڳالهائيندڙ ڪنهن مُبلِغ جي بيان کي حَقَارَت طور ”**مولوين وارو انداز**“ چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب**: **ڪفر** آهي. ڇو جو هن ۾ **علماءِ حق جي توهين** آهي.

## ”عالِم سڀ ظالِم“ چوڻ جو شَرعي حڪم

**سوال**: ”**عالم سڀ ظالم**“ هي مَقُولُو (چوڻي) ڪيئن آهي؟

**جواب**: مطلقًا عُلماءِ حق جي باري ۾ اهڙو جملو چوڻ ڪُفر آهي.

## عَالِم دِين تي حقارت سان مُلّا چوڻ

**سوال**: جيڪڏهن ڪو عُلماءِ ڪرام کي حقارت جي نيّت سان ”مُلّا مُلّا“ يا ”**مُلّا ماٺهو**“ چئي ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي ؟

**جواب**: **جيڪڏهن** علمِ دين جي سبب عُلماءِ ڪِرام جي تَحقِير (يعني حقارت) جي نيّت سان چيو تہ ڪُفر جو ڪلمو آهي جيئن تہ مُلّا علي قاري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا جنهن **(حقارت جي نيّت سان)** عَالم کي عُوَيلِمۡ يا عَلَوي (يعني مولىٰ علي جي اولاد )کي عُلَيِّوِي چيو انهي ڪفر ڪيو. (منح الرَّوض لِلقاري ص 472) اردو (سنڌي) پڙهندڙ "**عُـوَيلِم يـا عُلَيـوِي**" نـاهن چوندا. ها ڪڏهن ڪڏهن بي باڪن جي زبان مان **مُلَو مُلڙو** وغيره الفاظ ٻڌڻ (**سگِ مدينہ** عفي عنہ کي) ياد اچن ٿا. بهرحال عالمِ دين جي علم دين جي سبب توهينَ ڪرڻ يا عَلَوي صاحبان يا **سَاداتِ ڪِرام** جي شَرافت حَسَبۡ نَسَب جي ڪري ڪنهن بہ قسم جا تَوهِين آميز لفظ چوڻ ڪُفر آهي.

## "مَولوي ٽيندي تہ بُڪيو مَرندي" چوڻ

**سوال**: دُنياوي تَعليم حاصل ڪندؤ تہ عَيش ڪندؤ، علمِ دين سکي ڪري مَولوي ٽيندؤ تہ بُکيا مَرندؤ هي چوڻ ڪيئن؟

**جواب**: هن جملي ۾ علمِ دين جي توهين واضح آهي انڪري ڪفر آهي قائل (چوڻ واري) تي توبهہ ۽ **تَجديدِ ايمان** لازم آهي ۽ جيڪڏهن **علم ۽ علماء** جي توهين ئي مقصود هئي تہ قَطعِي ڪُفر آهي قائل ڪافر ۽ مُرتَد ٿي ويو ۽ هن جو **نِڪاح** بہ ٽُٽو ۽ پهريان نيڪ اعمال بہ ضايع ٿي ويا.

## عُلماءَ جي توهينَ متعلق 10 مثال

(1) جيترا مولِوي آهن سڀ بَدمَعاش آهن چوڻ ڪُفر آهي جڏهن تہ علمِ دِين جي سبب سان عُلماءِ ڪِرام جي تَحقِير جي نِيّت سان چيو هجي. (ماخوذ فتاوي امجديہ ج 4 ص 454) ﴿2﴾ هي چوڻ "عالم ماڻهن ديس خراب

ڪري ڇڏيو آهي.”ڪفر جو ڪلمو آهي. (ماخوذ فتاوي رضويه ج 14 ص 605) ﴿3﴾ هي چوڻ ڪفر آهي تہ ”مَولوين دين جا ٽُڪڙا ٽڪڙا ڪري ڇڏيا آهن.“ ﴿4﴾ جيڪو چوي ”علمِ دين کي ڇا ڪندس ڪيسي ۾ پئسا هجڻ گهرجن.“ چوڻ واري تي حڪمِ ڪفر آهي ﴿5﴾ ڪنهن عَالم کي چيو ”وڃ ۽ علمِ دين کي ڪنهن ٿانوَ ۾ سنڀالي رک“ هي ڪفر آهي. (عَالمگِيري ج 2 ص 271) ﴿6﴾ جنهن چيو ”علماء جيڪو پڙائيندا آهن ان کي ڪير ٿو ڪري سگهي“ هي قُول ڪفر آهي ڇو جو هن ڪَلام کان لازم ايندو آهي تہ شريعت ۾ اهڙا اِحڪام آهن جيڪي طاقت کان ٻاهر آهن يا عَالِمن اَنبِياءِ ڪرام عليهم السلام تي ڪوڙ هنيو آهي مَعَاذَ الله! (مِنَح الرَّوض ص 471) ﴿ 7﴾ هي چوڻ ”ثَريد (مانيءِ جا ننڍا ٽڪڙا ڪري ٻوڙ ۾ ملائڻ) جو پيالو علمِ دين کان بهتر آهي“ هي ڪفر جو ڪَلمو آهي. (ايضا ص 472) ﴿8﴾عالمِ دين سان سندس علم جي ڪري بغض رکڻ ڪفر آهي يعني ان ڪري جو اهو عالمِ دين آهي. ﴿9﴾ جيڪو چوي فَساد ڪرڻ عالم ٿيڻ کان بهتر آهي اهڙي شخص تي حڪمِ ڪفر آهي. (عالمگيري ج 2 ص 271) ﴿10﴾ ياد رهي! صرف عُلماءِ اِهلسنت جي ئي تَعظِيم ڪئي ويندي بَدمَذهب عَالمن جي پاڇي کان بہ بچو، ڇو جو هنن جي تَعظِيم حرام، هن جو بيان ٻڌڻ، هنن جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ هنن جي صُحبَت اختيار ڪرڻ حَرام ۽ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”**مدني انعامات**“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net